بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰي (احزاب. 33)

پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهو ۽ ڏور جاهليت وانگيان بي پرده نہ ڦرو. جيئن اڳوڻي جاهليت جي بي پردگي

# عورت ۽ پردو


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم. اي، پي. ايڇ. ڊي



بين الاقوامي سلسلہ اشاعت نمبر

6

شرڪتِ اسلاميہ

مُسلم منزل حميد پُوره ڪالوني نمبر 1، ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريہ پاڪستان (1420ھ / 2000ع)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَاتَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰي (احزاب. 33)

پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهو ۽ ڏور جاهليت وانگيان بي پرده نه ڦرو، جيئن اڳوڻي جاهليت جي بي پردگي

# عورت ۽ پردو


## پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم. اي، پي. ايڇ. ڊي

سنڌيڪار

## مهراڻ فضل الرّحيم فيضؔ



بين الاقوامي سلسلہ اشاعت نمبر

**6**

## شرڪتِ اسلاميہ

مُسلم منزل حميد پُوره ڪالوني نمبر 1، ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريہ پاڪستان (1420ھ / 2000ع)

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

★

عورتن جي تاريخ ڏاڍي دردناڪ ۽ ڏکدائڪ آهي. هي انسانيت جي پيشاني تي بد نما داغ آهي - افسوس، جنهن هنج ۾ انسان پرورش ورتي انهي هنج کي هن زخمي ڪيو ـــــ جنهن بلندين تي پهچايو انهي کي هن پوئتي ڌڪيو ـــــ عرب جي سرزمين تي جاهليت واري دور ۾ معاشري جي نظر ۾ عورتن جي جا عزت ۽ قدر هو. ان جو ڪجهه اندازو هڪ عرب شاعر جي هنن خيالات مان ٿئي ٿو:-

1. ڇوڪرين کي دفن ڪرڻ ئي سڀ کان وڏي فضيلت آهي(1).

2. موت عورت جاءِ حقن ۾ بهتر مهمان آهي. (2)

قرآن پاڪ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ ڇوڪرين جو ڄمڻ مرد جي لاءِ جي مصيبت هو جڏهن ڪو مرد اها خبر ٻڌندو هو ته ڪاوڙ مان سندس منهن ڪارو ٿي ويندو هو ۽ هو انهي غم ۾ وڃڻ لڳندو هو (3) ـــ ماڻهو ڇوڪرين کي زنده دفن ڪري ڇڏيندا هئا جنهن جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو ته

”قيامت جي ڏينهن دفن ٿيڻ واري ڇوڪري کان پڇيو ويندو.

ٻــڌاءِ تو کي ڪهڙي ڏوهه ۾ قتل ڪيو ويو؟“(4)

يعني اهڙي ظالم پيءُ کي قيامت جي ڏينهن نه ڇڏيو ويندو.

هڪ اصحابي جاهلين جي زماني ۾ پنهنجي نياڻي کي دفن ڪرڻ جو

واقعو ٻڌايو تہ هو ڀاڻ ٻہ رنو، ۽ سرڪار مدينہ صلي الله عليہ وسلم پڻ روئي پيا.

هندوستان جو حال عرب کان بہ بدتر هو هتي مري ويندڙ مڙس سان گڏ ان جي زنده زال کي بہ جلايو ويندو هو. هن رسم کي "ستي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. فرانس جي مشهور مؤرخ ڊاڪٽر گستاؤلي بان لکيو آهي:-

"هي رسم هندستان ۾ عام ٿي پئي هئي جو تہ هن جو ذڪر يوناني مؤرخن پڻ ڪيو آهي" (5)

ابن بطوطہ (779هہ/1378ع) جڏهن هندوستان ۾ آيو تہ هن اهو وحشت ڀريو منظرپنهنجي اکين سان ڏٺو، جنهن جو ذڪر پنهنجي سفر نامي ۾ ڪيو اٿس، (6) اهڙو ئي هڪ منظر ڏسندي ڏسندي هو بيهوش ٿي گهوڙي تان زمين تي ڪرڻ لڳو هو تہ ماڻهن ڪيس سنڀالي ورتو (7) ——— 1839ع ۾ لارڊ بينٽنڪ "ستي" ٿيڻ يا "ستي" ۾ مدد ڏيڻ کي جرم قرار ڏنو، پوءِ بہ ويجهي دوُر ۾ هندوستان ۾ هڪ اهڙو واقعو پيش آيو جنهن ۾ مڙس جي مڙهہ سان گڏ زال کي جلايو ويو. هي خبر سڄي دنيا ۾ حيرت سان ٻڌي ويئي.

يورپ پڻ هن معاملي ۾ ڪنهن کان پوئتي نہ پئي رهيو آهي، اتي 1494ع ۽ 22-1521ع ۾ جادوگري جي الزام ۾ سون هزارن جي تعداد ۾ عورتن ۽ ٻارن کي ذبح ڪيو ويو (8) ——— بقول ڊاڪٽر اسپرنگر، "عيسائي دنيا ۾ 90 هزار عورتن کي مختلف نامعقول الزامن ۾ زنده جلايو ويو" (9) اڄڪلهہ بوسنيا ۾ مسلمان عورتن سان نصارن جيڪو ظالمانہ سلوڪ ڪيو آهي، اهو ٻڌي انسانيت جو روح ڪنبي رهيو آهي. آمريڪا جنهن جو شمار ترقي يافتہ برِاعظمن ۾ ڪيو وڃي ٿو، اتي

جيڪو عورتن سان رويو اختيار ڪيو وڃي ٿو. اهڙو رويو شايد تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ نہ اختيار ڪيو ويو هجي. هر پنج منٽ بعد هڪ عورت جي لـڄ لُٽي وڃي ٿي، يعني 24 ڪلاڪن ۾ لـڄ لٽڻ جا 288 واقعا رونما ٿين ٿا ـــــ اوهان پاڻ پنهنجي ضمير کان پڇو تہ هي جنت آهي يا جهنم؟ مختلف ڏوهن جو تعداد ان کان بہ وڌيڪ آهي. چوويهہ ڪلاڪن ۾ ارڙهن سئو ڏوهہ ڪيا ٿا وڃن (10). (انالله و انااليہ راجعون)

اسلام عورت تي وڏو احسان ڪيو آهي. ان کي هيناهين مان ڪڍي اچائي جي در جي تي رسايو ۽ اهڙو مهربان ۽ ڪريم رسول صلي الله عليہ وسلم موڪليو جنهن دنيا جي شين ۾ خوشبو ۽ عورت کي پسند ڪرڻ فرمايو. روسي فلسفي ٽالسٽائي (م 1910ع) حضور صلي الله عليہ وسلم جي سيرت طيبہ تي پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي هي حديث پيش ڪئي آهي. "دنيا جون شيون صرف مال ۽ ملڪيت آهن ۽ دنيا جي بهترين دولت نيڪ عورت آهي" (11)

حضور مدينہ صلي الله عليہ وسلم عورتن تي جيڪا ڪرم نوازي ڪرڻ فرمائي، اها انساني تاريخ ۾ سنهري حرفن سان لکڻ جي لائق آهي. چند نقل ۽ نظير پيش آهن.

1. هڪ اصحابي سڳوري عرض ڪيو يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم سڀ کان وڌيڪ مون تي ڪنهن جو حق آهي. پاڻ فرمايائون "تنهنجي ماءُ جو". اهو سوال 3 دفعا ڪيو ويو. پاڻ اهو ئي چوندا رهيا تہ "تنهنجي ماءُ جو". وري چوٿين دفعي جڏهن اهو سوال ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ "تنهنجي والد جو". (12) اوهان ڏٺو تہ اسلام جي نظر ۾ ماءُ جي حيثيت ڪيترو بلند آهي.

2. حضرت علي ڪرم الله تعاليٰ وجهه الڪريم جي والده فاطمه بنت اسد (11هه/632ع) جو جڏهن انتقال ٿيو. حضور انور صلي الله عليه وسلم پنهنجي چادر شريف ان جي ڪفن جي لاءِ ڏني ۽ جڏهن قبر کوٽي ويئي ته پاڻ قبر ۾ لهي ويا ۽ لحد پنهنجي هٿن مبارڪن سان پاڻ کوٽيائون. مٽي ٻاهر ڪڍي پوءِ پاڻ اندر ليٽي ڏٺائون (13) الله اڪبر! ان قبر شريف جي اهميت ڪي ڇا چئجي! افسوس صد افسوس! جنت البقيع شريف ۾ انهي قبر شريف جي چئني طرفن بلند ديوارون چونڊيون ويون آهن. شايد انهي جي لاءِ ته عاشقانِ رسول صلي الله عليه وسلم انهي جي زيارت کان محروم رهن.

3. حضرت ام سلمه رضي الله تعاليٰ عنها (م-63/682ع) بيوه ٿي ويون ساڻن گڏ يتيم ٻار پڻ هئا. ڏاڍو تنگ وقت اچي ويو ڪو به مددگار نه هو. ٻنهين جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم پنهنجي لاءِ پيغام موڪليو. جڏهن ته حضرت ام سلمه رضي الله عنها عيالدار هئي. خيال آيس ته شايد حضور صلي الله عليه وسلم ٻارن جو ٻوجهه محسوس ڪن. پاڻ عذر پيش ڪندي عرض ڪيائين ته "آئون عيال واري آهيان منهنجا يتيم ٻار آهن"——— سرڪار جيڪو جواب ڏنو اهو انهن مردن جي لاءِ عبرت ۽ نصيحت آهي جيڪي بيواهه عورتن جو ٻوجهه کڻڻ کان نٽائين ٿا——— پاڻ فرمايائون ———

"تنهنجو عيال، الله ۽ رسول جو عيال آهي" (14)— الله اڪبر.

4. حضور انور صلي الله عليه وسلم جي ٿڃ شريڪ ڀيڻ شيما بنت حارث ڪفر جي حالت ۾ هڪ جهاد ۾ قيد ٿي آئي ۽ حضور جي سامهون آندي ويئي ته پاڻ ڪيس سڃاڻي ورتو پنهنجي چادر شريف تي ويهاريو ۽ فرمايائون "جيڪڏهن تون مون وٽ رهڻ چاهين ته رهي سگهين ٿي ۽

پنهنجي قبيلي ڏي وڃڻ چاهين ته وڃين سگهين ٿي"—— شيما عرض ڪيو "پنهنجي قبيلي ۾ وڃڻ چاهيان ٿي"—— پاڻ ڪيس ڪيترائي اٺ ۽ ٻڪريون ڏيئي عزت ۽ احترام سان روانو ڪيو (15).

انهن واقعن مان اندازو ٿئي ٿو ته حضور انور صلي الله عليہ وسلم عورتن تي ڪيترو مهربان هئا—— عورتن تي سندن اهائي مهرباني هئي جو جڏهن ٻهرين ٻيري پاڻ مدينہ منوره ۾ داخل ٿيا ته عورتن ۽ ٻارن ٻاهر اچي سندن استقبال ڪيو ۽ خوشي مان گيت ڳائڻ لڳا مدينہ منوره ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جي اچي رهڻ سان انهن کي ڪيتري خوشي ٿي هئي، ان جو اندازو هن شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

نحن جوارين من بني نجار

يا حبذا محمد من جار (16)

(اسان بنو نجار جون نياڻيون ڪيترو خوش نصيب آهيون

جو محمد صلي الله عليہ وسلم اسان جا پاڙيسري آهن).

جڏهن سرڪار دنيا مان پردو پيا فرمائين ته خدمت اقدس ۾ صرف عورتون ئي موجود هيون. ڏاڍو غم پريل وقت هو حضرت صفيہ رضي الله عنها (م 50هہ/670ع) چئي رهي هئي. "يا الله! حضور انور جي سڀ تڪليف مون کي عطا ڪر"— محبت سان ڀريل هيءَ دعا پاڻ صلي الله عليہ وسلم ٻڌي رهيا هئا—— فرمايائون "صفيہ سچ ٿي چوي"— —— پاڻ وصيت فرمايائون ته سندن جسم اطهر تي جڏهن مرد صلوه و سلام پڙهي وڃن ته پوءِ عورتن کي چيو وڃي ته اهي پڻ قطارن ۾ اچي صلوه و سلام جو نذرانو پيش ڪن (17) سبحان الله! ڪيڏي ڪرم نوازي آهي جو پردي فرمائڻ وقت به ياد رکيائون—— هي سڀ حقيقتون عورتن جي لاءِ باعث فخر آهن. اهي جيترو فخر ڪن گهٽ آهي——

ڪنهن بہ ٻئي مذهبي ڪتاب ۾ عورتن کي ايتري اهميت نــاهي ڏني ويئي، جيتري اهميت قرآن ڪريم ڏني آهي. سوره مريم حضرت مريم عليها السلام جي نالي ڏانهن منسوب آهي. سوره بقره، سوره تحريم، سوره نور وغيره ۾ عورتن جي لاءِ ڪيترائي حڪم ۽ مسئلا بيان ڪيا ويا آهن—— وري اهم عورتن جو قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. مثال طور حضرت حوا عليها السلام، حضرت عائشہ رضي الله عنها، حضرت زڪريا عليہ السلام ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي گهر وارين بيبين، حضرت شعيب عليہ السلام جي نياڻين، حضرت موسيٰ عليہ السلام جي والده ۽ ڀيڻ، حضرت يوسف عليہ السلام جي گهر واري، حضرت مريم عليها السلام، فرعون جي راڻي، راڻي سبا ۽ صحابياڻيون رضي الله تعاليٰ عنهن.

الله تعاليٰ عورت ۽ مرد جي شادي واري تعلق کي ايترو مقدس ڪيو آهي جو ان کي پنهنجي نشانين مان هڪ نشاني قرار ڏنو (18) —— ۽ ان جو مقصد اهو ٻڌايو تہ انسان سڪون ۽ آرام حاصل ڪري ۽ انهي تعلق کي محبت ۽ مهرباني جو تعلق قرار ڏنو— جنهن ۾ هوس پرستي جو شڪ بہ نہ آهي—— اسلام وٽ اهڙو ڪو بہ تصور ڪو نهي جڏهن تہ جرمن، فلسفي نٽشہ تہ ايستائين لکيو آهي:——

"عورت جي زندگي جو مقصد صرف مرد جي قيد ۾ رهڻ ۽ ان جي خدمت ڪرڻ آهي". (19)

روس جو مشهور فلسفي ڪائونٽ ليو تالسٽاءِ (م 1910ع) پڻ عورتن جي باري ۾ سٺي راءِ نہ رکندو هو. هن اسلام جي راءِ کي پسند ڪندي پنهنجي خيالن جو اظهار هينئن ڪيو آهي:

"مرد جو فرض آهي عورت سان بهتر رويو اختيار ڪري ۽ ان جي
واڳ ڍري نہ ڇڏي نہ صرف ايترو بلڪ هن کي گهر ۾ بند
رکي ڇو تہ عورت جي آزادي لاءِ گهر ڪافي آهي". (20)

نڪاح جهڙي مقدس رشتي جي باري ۾ پڻ ٽالسٽاءِ سٺي راءِ نہ رکندو هو. شايد انهي جي لاءِ جو هو ان تجربي ۾ ناڪام ٿيو هو. هو لکي ٿو تہ:

"اسان جي زماني ۾ نڪاح صرف هڪ ڏوڪو ۽ فريب بڻجي ويو آهي. ——
اسان ان کي صرف نفساني خواهشن کي پورو ڪرڻ جو وسيلو سمجهون ٿا". (21)

الله تعاليٰ عورتن کي وڏيون رعايتون ڏنيون آهن ۽ تڪليف ۽ مصيبت ۾ انهن جو خيال رکيو ويو آهي—— مثال طور طلاق ڏنل عورت جي لاءِ حڪم آهي تہ عدت پوري ٿيڻ تائين ان جو مڙس انهي کي گهر ۾ رکندو. ان تي سختي نہ ڪندو. جيڪڏهن هوءَ حمل واري يعني ڳورهاري آهي تہ ٻوءِ ٻار ڄمڻ تائين ان جو خرچ برداشت ڪندو ۽ ان جي آسائش ۽ آرام جو پورو خيال رکندو—— ٻار جي ڄم بعد طلاق واري زال ٻہ سال ان کي کير پياري ٿي تہ ٻن سالن جي مزدوري پڻ مرد ادا ڪندو (22) —— شايد اهي ڳالهيون عجيب لڳن پر اهو سڀ قرآن ڪريم ۾ آهي، اسان عورتن کي ٻڌايون نہ پيا، پنهنجي حقن جي ڇڱي يادگيري اٿئون—— عورتن کي شرعي حڪمن جي پيروي ڪندي روزي رزق ڪمائڻ جي بہ اجازت آهي، قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿيو تہ—— "مرد جي ڪمائي مان مرد جو حصو آهي ۽ عورت جي ڪمائي مان عورت جو حصو آهي"— (23) حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي زوجہ حضرت زينب بنت جحش رضي الله تعاليٰ عنها (م 20هہ/640ع) پنهنجي هٿ

سان چمڙو رڱيندي هئي. اهو وڪرو ڪري جيڪا رقم ايندي هئي اها غريبن مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي (24)

الله تعاليٰ گهر ۾ رهڻ وارين شريف عورتن جي عزت نفس جي حفاظت جي لاءِ مردن کي بنا اجازت ونڻ جي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان منع ڪيو آهي (25) ـــــ جيڪڏهن ڪنهن عورت سان ڳالهائڻو آهي ته اهو ادب سيکاريو ته پردي پويان ڳالهايو (26) ـــــ جيڪڏهن ڪو دعوت تي سڏي ۽ گهر ۾ عورتون موجود هجن ته کاڌو کائڻ بعد خوامخواه ڳالهين ۾ نه پئجي وڃو بلڪه کائي پي روانا ٿي وڃو. (27) ـــــ حضور انور صلي الله عليه وسلم جي مهربانين سان اهڙا طور طريقا اسان کي ملي ته ويا پر اها اسان جي بدنصيبي آهي جو اسان عمل ڪو نه پيا ڪيون.

الله تعاليٰ اسان کي پيدا ڪيو آهي، ان کان وڌيڪ اسان جي حالات جو ڪير واقف ٿي سگهي ٿو؟ـــــ اسان کي جن ڳالهين جو حڪم ڏنو ويو ۽ جن کان منع ڪئي ويئي اهو صرف ۽ صرف اسان جي ڀلائي لاءِ هوـــــ الله تعاليٰ بي نياز آهي، ٿورو سوچيو ته سهي ڀانهن ۾ هن جو ڪهڙو مقصد هوندو؟ الله تعاليٰ ته اسان جي فائدي جي لاءِ اسان کي حڪم ڏئي ٿوـــــ پردي جي باري ۾ عورتن کي جيڪو حڪم ڏنو ويو اهو هنن جي فائدي جي لاءِ آهي. جيڪڏهن اهي سوچين ۽ غور ڪنـــــ سوره نور، سوره احزاب ۾ عورتن جي پردي ڪرڻ متعلق جن طور طريقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهي اسان جي توجه جي لائق آهن. ٿورو ڌيان ڪريو:-

(1) پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهو دور جاهليت وانگيان بي پرده نه ڦرو (28).

(2) پنهنجون چادرون ڍڪي گهمو، نامحرمن کي پنهنجو سينگار نه ڏيکاريو.(29)

ڪَان ڪم ونون هــاـــــ قـرآن حڪيـم ۾ پـردي جي بـاري ۾ جيڪي هدايتون ڏنيون ويون آهن، حضرت عائشـ صديقـ رضي الله تعاليٰ عـنها (م 58هـ /677ع) انهن تي عمـل ڪري زندگي جو بهترين نمونو پيـش ڪيوـــــ امهات المؤمنين ۾ علم ۽ دانش جي لحاظ کان سندن مٽ نـ هو. تاريخ ۽ حديث مان اسان کي هنن واقعن جي ڄاڻ تئي ٿي.

1. هـڪ دفعي حضرت حفصـ بنـت عبدالرحمـن رضـي الله عنهـا سنهي چادر ڍڪي بيبي عائشـ رضي الله عنهـا جي خدمت ۾ حـاضر ٿي. بي بي صاحبـ سندن چادر ڦاڙي اڇلائـي ۽ فرمايـائون تـ "الله تعـاليٰ سوره نور ۾ ڇا فرمايو آهي؟"ـــــــ

هن سمجهاڻي بعد ٿلهي ڪپڙي جي چادر گهرائي حضرت حفصـ رضي الله عنها کي عنايت فرمائي (35)

2. هڪ دفعي سندن ڪنهن وٽ وڃڻ ٿيو. گهر ڏٺي جون بـ جوان ڇوڪريون بنا چادر، سنهي رئي سان نماز پڙهي رهيون هيون تـ پاڻ هنن کي هدايت ڪئي "آئنده ٿلهي ڪپڙي جي چادر ڍڪي نماز ادا ڪن" (36)

3. هڪ دفعي ابن اسحاق نابينا حضرت عائشـ رضي الله عنهـا جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تـ پاڻ پردو ڪيائونـــــــ.

ابن اسحاق عرض ڪيو تـ آئون تـ نابين آهيان. پوءِ اوهان پردو ڇو ڪيو؟ فرمايائون "مان تـ ڏسان ٿي!" (37)

4. حضور صلي الله عليـ وسلم جي زمـاني ۾ عورتـون نمـاز جي لاءِ مسجد نبوي ۾ حـاضر ٿينديون هيون ۽ عيـد جي نمـازن لاءِ پـڻ. پـر حضرت عمر رضي الله عنها جي زماني ۾ بگڙيـل حـالتن کي ڏسي عورتـن تي پابندي لڳائي ويئي ۽ هنن مسجد نبوي ۾ اچڻ بند ڪـري ڇڏيو. حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها حضرت عمر رضي الله تعـاليٰ عـنـه (م 23هـ /4-643ع) جي انهي عمل کي ساراهيو ۽ ارشاد فرمايائون:

"جيڪڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم کي خبر هجي ها ته عورتن جي هي حالت آهي ته پاڻ انهن کي مسجد ۾ اچڻ کان ائين روڪين ها جيئن بني اسرائيل جي عورتن کي روڪيو ويو هو" (38)

مٿي ڄاڻايل واقعن مان معلوم ٿيو ته حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها عورتن کان ڪهڙي توقع رکن ٿيون ۽ ڇا چاهين ٿيون. اسلام جتي جتي پکڙيو. ايشيا ۾، آفريقا ۾، يورپ ۾، گڏوگڏ پردو به پکڙندو ويو. هي هميشه اسلامي روايتن ۾ هڪ عظيم روايت ڪري ليکي ويئي. انتهائي عروج واري زماني ۾ جڏهن اسلامي بادشاهت ٽن وڏن کنڊن تيَ پکڙيل هئي. پردو مسلمان ۽ غير مسلمان عورتن جي وچ ۾ هڪ فرق بنيو رهيو. بلڪ غير مسلم حڪومتن ۾ پڻ اها روايت قائم رهي.

1914ع کان اڳ روس ۾ مسلمان عورتون پردي ۾ رهنديون هيون ۽ قرآن ڪريم حفظ ڪنديون هيون. اتي قرآن حفظ ڪرڻ جو وڏو رواج هو. (اخبار المويد، مصر 15 آگسٽ 1902ع) روس جون مسلمان عورتون اسڪول به هلائينديون هيون، هڪ روسي عورت صفيه عليه خانم پنهنجي خرچ سان هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيو هو. مطلب ته ماضي ۾ اسلامي سماج ۾ جيڪا ترقي ٿي پردي ۾ رهندي ٿي ٿي. حد ته اها آهي جو عورتون جهاد ۾ شريڪ ٿينديون هيون ۽ زخمين جي ملم پٽي ڪنديون هيون ڪڏهن خود جنگ ۾ حصو پڻ وٺنديون هيون مگر سڀ ڪجهه حياءَ سان پردي ۾ رهندي. هاڻوڪي دور ۾ جتي اسلامي انقلاب آيو يا اسلام جي نالي تي انقلاب آيو. اتي پهرين ڳالهه اها ڏٺي ويئي ته بي پرده عورتون پردي دار ٿي ويون ۽ ان جو رعب اسلام جي دشمنن جي دلين تي اهڙو ويٺو جو هو خوف زده ٿي ويا. جديد معاشري جي بي پردگي اسلامي معاشري کي ڪجهه به ڪو نه ڏنو ۽ نه ئي تاريخ جي باب ۾ ڪو اضافو ڪيو. هي دردمند عورتن جي لاءِ سوچڻ جي ڳالهه آهي.

جيڪڏهن بي پردگي ترقي جي ضامن هجي ها تہ اسين اڄ سڄي دنيا ۾ هن طرح ذليل نہ ٿيون ها. مشهور تاريخدان آر نلڊ ٽائنبي هڪ جڳهہ تي لکيو آهي تہ ”انساني سماجن جي تباهي ۾ عورت جي ڇڙواڳي ۽ بي پردگي جو وڏو حصو آهي“. مؤرخ موصوف عالمي تاريخ جو گهري نظر سان مطالعو ڪرڻ بعد انهن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ان ڪري هن کي ڪنهن تعصب يا تنگ دلي جو حامل قرار ڏئي نہ ٿو سگهجي، بلڪہ انهي تاريخي حقيقت تي ٿڌي دل سان غور ۽ فڪر ڪرڻ کپي. حقيقت اها آهي تہ اسلام معاشري جو بنياد پاڪيزگي تي رکيو آهي. گهڻ پاسائين پاڪيزگي .... زندگي جي هر شعبي جي پاڪيزگي.... مغربي سازشين اسلام جي هر جائز ڳالهہ کي ناجائز ڪري ڏيکاريو ۽ پنهنجي هر ناجائز ڳالهہ کي جائز بنائي ڏيکاريو اهڙو پروپيگنڊا ڪيائون جو عقل شل ٿي ويا ۽ اکيون ٻوٽجي ويون.... اسلام عورتن تي بيشمار احسان ڪيا پر هڪ پردي جي معقول هدايت (جا عورتن جي ئي عزت، پاڪيزگي ۽ حسن ۽ جمال جي حفاظت جي ضامن آهي). ڪن عورتن کي سني نٿي محسوس ٿئي. اسلام جي دشمنن هن جي خوبين کي لڪايو ۽ هٿ ٺوڪين براين کي پڌرو ڪيو. انهي طرح عورتن جي ذهنن کي گندو ڪري اسلام جي سچائي کان پري ڪيو ويو. ٿورو سوچيو، عورتن جي بي پردگي جسماني هار سينگار جو رستو کوليو پوءِ ان بي حيائي جي صورت اختيار ڪئي ۽ بي حيائي اگهاڙپ ۽ بدڪرداري جو دروازو کولي ڏنو. معاملو ايستائين پهتو جو، هاڻي يورپ ۽ آمريڪا انسانن جي زمين نظر نہ ٿي اچي بلڪہ حيوانن ۽ درندن جو جهنگل معلوم ٿئي ٿي. هن بيحيائي جا جيڪي نتيجا سامهون آيا ان مان ڪجهہ هي آهن.

1. عورتن جو غير محفوظ ٿيڻ.
2. عورتن جي اغوا ۽ زنا جون وارداتون عام ٿيڻ.
3. عورتن ۾ ماءُ واري مامتا جو مري وڃڻ.

4. بري نظر ۽ برن خيالن جو عام ٿيڻ.

5. مردن جو جنسي مرضن ۾ مبتلا ٿيڻ.

6. عورتن جي عزت ختم ٿي وڃڻ.

اڄا ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهہ آهي جو پرده دار عورت جي عزت ڪئي ويندي هئي ۽ هاڻ بہ ڪئي وڃي ٿي. بسن ۾ انهن لاءِ سيٽ خالي ڪئي ويندي هئي، مگر بي پرده عورت جي عزت لاءِ ڪو بہ ماڻهو تيار ناهي. اها بسن ۾ جنهن بہ حال ۾ سفر ڪري ماڻهن جو انهي سان ڪو بہ واسطو نہ آهي.

اڄوڪي زماني ۾ عورت جي بي پردگي هن ڪي ان حد تائين خوار ڪيو آهي جو هوءَ اخبارن ۽ رسالن ۽ اشتهارات جي زينت بنجي ڪري نفعي وٺڻ جو هڪ ذريعو بنجي ويئي آهي. جتي جتي عورتن ڪي جڳهہ ڏني ٿي وڃي احترام جي ڪري نہ واپار چمڪائڻ ۽ نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏني ٿي وڃي. عورت تي اسلام جي نظر شفقت واري ۽ جديد معاشري جي نظر خالص واپار واري آهي.

سچي ڳالهہ تہ اها آهي اسان جي انفرادي ۽ اجتماعي عزت ۽ عظمت جو دارومدار صرف ۽ صرف حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي پيروي تي آهي. عالمي سطح تي اسان جي خواري جو وڏو سبب دلين جو عشق مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم کان خالي هجڻ عمل جو سنت نبوي کان سجو هجڻ آهي. حضرت عمر رضي الله عنہ سچ فرمايو آهي.

"اسان اها قوم آهيون جنهن کي الله تعاليٰ
اسلام جي ڪري عزت عطا فرمائي".(39)

# حــــوالا

(1) نياز فتحپوري، صحابيات، مطبوع ڪراچي 1962ع ص 13

(2) نياز فتحپوري، صحابيات، مطبوع ڪراچي 1962ع، ص 31

(3) قرآن حڪيم، سوره زخرف، آيت نمبر 17

(4) قرآن حڪيم، سوره تڪوير، آيت نمبر 8، 9

(5) ڊاڪٽر گستاؤلي بان، تمدن هند (اردو ترجمہ: سيد علي بلگرامي) مطبوع ڪراچي 1962ع، ص 238

(6) ابو عبدالله ابن بطوطہ، سفر نامہ ابن بطوطہ (اردو ترجمہ: رئيس احمد جعفري) مطبوع ڪراچي 1986ع، ص 5

(7) ابو عبدالله ابن بطوطہ، سفر نامہ ابن بطوطہ (ترجمہ: رئيس احمد جعفري) مطبوع ڪراچي 1986ع، ص 36، 37

(8) نيازفتحپوري، صحابيات، ص 11

(9) نياز فتحپوري، صحابيات، ص 11

(10) اخبار جنگ (ڪراچي) شماره 5 مئي 1993ع

(11) ٽالسٽاءِ، پيغمبر اسلام (اردو ترجمہ) مطبوع لاهور، 1920ع ص 45

(12) بخاري ۽ مسلم شريف، متفق عليہ

(13) ابو النصر منظور احمد شاهہ، مدينتہ الرسول، مطبوع لاهور، 1992ع بحوالہ خلاصتہ الوفاء، ص 293

(14) ابو النصر منظور احمد شاهہ، مدينتہ الرسول، بحوالہ زرقاني . ج 2- ص 282 مدارج النبوت، ج - 2، ص 815

(15) ايضاً، بحوالہ سيرت حلبيہ، جلد 1، ص 148

(16) ايضاً، بحوالہ خلاصتہ الوفاءِ . ص 136

(17) شيخ عبدالحق محدث دهلوي، مدراج النبوت، ج 2 ص 440

(18) قرآن حڪيم، سوره روم، آيت نمبر 21

(19) نیاز فتحپوري، صحابيات، ص 14.

(20) ټالسټاي، پیغمبیراسلام (اردو ترجمہ: محمد فیض الحسن) مطبوع لاهور، 1920ع ص 54

(21) ټالسټاي، پیغمبیراسلام (اردو ترجمہ: محمد فیض الحسن) مطبوع لاهور، 1920ع ص 54

(22) قرآن حکیم، سوره طلاق، آیت نمبر 6

(23) قرآن حکیم، سوره نساء، آیت نمبر 32

(24) ابن حجر عسقلاني، الاصابہ في معرفتہ الصحابہ، ج 2، ص 602

(25) قرآن حکیم، سوره احزاب، آیت نمبر 53 ۽ سوره نور، آیت نمبر 27

(26) قرآن حکیم، سوره احزاب، آیت نمبر 53 ۽ سوره نور، آیت نمبر 27

(27) قرآن حکیم، سوره احزاب، آیت نمبر 53

(28) قرآن حکیم، سوره احزاب، آیت نمبر 33

(29) قرآن حکیم، سوره نور، آیت نمبر 31

(30) قرآن حکیم، سوره نور، آیت نمبر 31

(31) قرآن حکیم، سوره احزاب، آیت نمبر 59

(32) قرآن حکیم، سوره نور، آیت نمبر 30

(33) قرآن حکیم، سوره نور، آیت نمبر 31

(34) ټالسټاي، پیغمبر اسلام (اردو ترجمہ) مطبوع لاهور1920ع ص 44

(35) ابو عبدالله محمد بن سعد زهري، طبقات ابن سعد، ج 8، ص –50

(36) احمد بن حنبل شيباني، المسند، ج 6، ص 796

(37) طبقات ابن سعد، ج – 8، ص – 49

(38) نیاز فتحپوري، صحابيات، ص 58

(39)مولا نا محمد مالک کاندلوي، پرده اور مسلمان خاتون، مطبوع کراچي ص15

Shirkat-e-Islamia, Mirpurkhas
شرکت اسلامیہ میرپورخاص

بيشڪ الله وٽ اسلام ئي دين آهي